# ابوجهل جو موت




شيخِ طريقت امير اهلسنت باني دعوتِ اسلامي حضرت علامه مولانا ابو بلال

محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برکاتهم العاليه

شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي، حضرت علام
دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيه
**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

# ابوجهل جو موت

**ترجمو پيشڪش**

مجلسِ تراجم (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلسِ تراجم کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)**
**عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران**
**پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**
**فون نمبر**: 021-34921389-90-91
*E-mail: translation@dawateislami.net*

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

# ابو جهل جو موت[1]

شيطان ڪيتري به سستي ڏياري هي رسالو مڪمل پڙهي ڇڏيو. ان شاءَالله عَزَّوَجَلَّ توهان پنهنجي دل ۾ مدني انقلاب برپا ٿيندي محسوس فرمائيندؤ.

## درود شريف لکڻ واري جي مغفرت ٿي وئي

سيّدنا سفيان بن عُيَيۡنَہ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ فرمائن ٿا: منهنجو هڪ اسلامي ڀاءُ هو، مرڻ کان پوءِ مون ان کي خواب ۾ ڏٺو ته پڇيو: مَا فَعَلَ اللّٰهُ بِکَ؟ يعني **الله** عَزَّوَجَلَّ توهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ ان جواب ڏنو: **الله** عَزَّوَجَلَّ مون کي بخشي ڇڏيو. مون پڇيو: ڪهڙي عمل جي سبب؟ چوڻ لڳو: مان حديث لکندو هيس جڏهن به نبي ڪريم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مبارڪ ذِڪر ايندو هو مان ثواب جي نيّت سان ”صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَسَلَّم“ لکندو هيس، ان عمل جي برڪت سان منهنجي مغفرت ٿي وئي. (القول البديع ص 463)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## درود بدران صم لکڻ حرام آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سُبۡحٰنَ اللّٰه! درود شريف لکڻ جون خوب برڪتون آهن، ان حڪايت مان اهو به معلوم ٿيو ته جڏهن به درود

---

[1] هي بيان امير اهلسنّت دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَه تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ٽن ڏينهن واري اجتماع 5،6،7 رجب المرجب 1420 هه آچر جي ڏينهن مدينة الاولياء ملتان ۾ فرمايو، ضروري ترميم سان خدمت ۾ حاضر آهي. (مجلس مكتبة المدينه)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي.** (طبراني)

شريف پڙهو يا لکو "ثواب جي نيّت" هئڻ ضروري آهي ۽ اهو تہ هر عمل ۾ لازم آهي جيڪڏهن ڪنهن نيڪ عمل ۾ سٺي نيّت نہ هوندي تہ ثواب نہ ملندو. ان ڪري هر عمل کان پهريان سٺين نيتن جي عادت بڻائڻ گهرجي. درود شريف لکڻ بابت ڪجھ مدني گل قبول فرمايو: جڏهن بہ نالو مبارڪ لکو تہ زبان سان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم چئو بہ ۽ لکو بہ، ۽ پڻ پورو صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم لکندا ڪريو، ان جي بدران ان جو مُخَفَّف (Short Form) يعني صلعم يا صہ لکڻ ناجائز ۽ سخت حرام آهي. (بهار شريعت ج 1 ص 534) اهڙيءَ طرح جَلَّ جلالُہ جي جڳهہ تي ج، يا عَلَيْهِ السَّلام جي جڳهہ تي ؑ، رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي جڳهہ تي رضؓ ۽ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه جي جڳهہ تي رحؒ نہ لکندا ڪريو.

# ٻہ ننڍڙا مجاهد

حضرت سيّدنا عبدالرّحمٰن بن عوف رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا: غزوهٴ بدر واري ڏينهن جڏهن مان مجاهدن جي صف ۾ بيٺو هئس، مون پنهنجي ويجهو ٻہ ننڍڙا انصاري ڇوڪرا ڏٺا. ايتري ۾ آهستي سان هڪڙي مونکي چيو: يَاعَمِّ! هَلْ تَعْرِفُ اَبَا جَهْل؟ يعني اي چاچا! ڇا توهان ابوجهل کي سڃاڻو ٿا؟ مون جواب ڏنو: سڃاڻان تہ ٿو، پر توهان کي ان سان ڪهڙو ڪم آهي؟ ان چيو تہ مون کي خبر پئي آهي تہ هو گستاخ رسول آهي. خدا جو قسم! جيڪڏهن مان ان کي ڏسي وٺان تہ ان تي ڪڙڪي پوان يا ان کي ماري وجهان يا پاڻ مري وڃان. ٻئي ڇوڪري بہ مون سان انهيءَ طرح جي گفتگو ڪئي (شاعر انهن ٻنهي ننڍڙن ڇوڪرن جي جذبات جي ترجماني ڪندي چوي ٿو)

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

قسم کھائی ہے مر جائیں گے یا ماریں گے ناری کو
سنا ہے گالیاں دیتا ہے یہ محبوبِ باری کو

حضرت سيّدنا عبد الرّحمٰن بن عوف رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ وڏيڪ فرمائن ٿا: اوچتو مون ڏٺو ته ابوجهل پنهنجي سپاهين جي وچ ۾ بيٺو آهي. مون انهن ڇوڪرن کي ابوجهل ڏانهن اشارو ڪري ٻڌايو. اهي تلوارون لهرائيندي ان تي ڪڙڪي پيا ۽ مسلسل وارَ ڪندي ان کي زمين تي ڪٽي هنيائون. پوءِ اهي ٻئي پنهنجي پياري آقا، مني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهه ۾ حاضر ٿي عرض ڪرڻ لڳا: يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان ابوجهل کي قتل ڪري ڇڏيو آهي. مدني آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پڇيائون: توهان مان ڪنهن ان کي قتل ڪيو آهي؟ ٻئي چوڻ لڳا: مون. شهنشاهِ نامدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اِستِفسار فرمايو: ڇا اوهان پنهنجون خون آلود تلوارن صاف ڪيون آهن؟ ٻنهيءَ عرض ڪيو: ”جي نه“ مني مني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن تلوارن کي ملاحظه ڪري فرمايائون: ”كِلَاكُمَا قَتَلَهٗ“ يعني توهان ٻنهي ان کي قتل ڪيو آهي. (صحيح البخاري، حديث 3141 ج 2 ص 356)

دونوں منّوں کا بھی حملہ خوب تھا بو جہل پر
بدر کے ان دونوں ننّھے جاں نثاروں کو سلام

## اهي مدني منا ڪير هئا؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اهي اسلام جا شاهين صفت ننڍڙا مجاهد جن لشڪرِ قريش جي سپه سالار، دشمنِ خدا و مصطفيٰ ۽ هن اُمت جي سنگدل ۽ سرڪش فرعون ابوجهل کي قتل ڪيو، انهن جا

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **توهان جتي ٻہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي.** (طبراني)

**نالا مبارڪ آهن: مُعَاذ ۽ مُعَوِّذ** رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا. **اهي ٻئي مدني منّا سڳا ڀائر هئا، انهن جي عشقِ رسول تي هزارين تحسين ۽ آفرين ۽ انهن جي جهاد جي ولولي تي لکين سلام جو انهن ننڍپڻ ۾ راند روند ڪرڻ جي ڏينهن ۾ ئي انهن پنهنجين زندگين کي مدني رنگ ۾ رنگي ڇڏيو ۽ راهِ خدا ۾ سفر ڪري ڪافرن جي لشڪر جي سپہ سالار ابوجهل جفا ڪار سان مهاڏو اٽڪايو ۽ ان کي رتو رت ڪري ڇڏيو. ڪنهن شاعر انهن ٻنهي مدني منّن جي ابوجهل تي حملي ڪرڻ جي خوب منظر ڪشي ڪئي آهي:**

گِرا اس طرح کُندے جوڑ کر شَہباز کا جوڑا — کہ اِک دم میں صفِ زاغ وزَغَن کا سلسلہ توڑا
جوانوں کے مقابل پہلوانوں کی طرح اَڑتے — برابر وار کرتے وار سہتے چَومُکھی لڑتے
ہٹاتے مارتے اور کاٹتے بڑھتے گئے دونوں — بَسان مَوج اوجِ رَیگ پر چڑھتے گئے دونوں
اُدھر بُوجَہل بھی کرنے لگا بچنے کی تدبیریں — نہ اسکی دھمکیاں کام آ سکیں لیکن نہ تقریریں
بَروئے بازوئے تقدیر تدبیریں نہیں چلتیں — جہاں شمشیر چل جاتی ہے تقریریں نہیں چلتیں
ہٹا وہ دیکھ کر ان کو یہ پھر اسکے قریں پہنچے — جہاں بُوجَہل پہنچا دونوں لڑکے بھی وہیں پہنچے
نہ بھاگا جاسکا تو ان کو دھمکانے لگا کافِر — سِپَر کے آسرے پر تیَغ چمکانے لگا کافِر
وہ پختہ کار یہ کمسِن، یہ پیدل اور وہ گھوڑے پر — لگامَرکَب کُدانے خَشمگیں شیروں کے جوڑے پر
مگر عُشّاق اپنی جان کی پروا نہیں کرتے — خدا سے ڈرنے والے موت سے ہرگز نہیں ڈرتے
ہوا میں گونج اٹھیں رَعد کی مانند تکبیریں — گِریں بُوجَہل پر دو تیز خون آشام شمشیریں
دَہَن سے آہ نکلی ہاتھ سے تیَغ وسِپَر چھوٹی — گِرا گھوڑا بھی کھا کر زخم دونوں کی کمر ٹوٹی
زمیں دھنستی تھی جس بدبخت کی ادنیٰ سی ٹھوکر پر — پڑا تھا خون میں لِتھڑا ہوا مِٹّی کی چادر پر
وہ ہڈّی اور خوں جس پر ہمیشہ ناز رہتا تھا — وُہی ہڈّی شِکستہ تھی وہی اب خون بہتا تھا

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي.** (ابو يعلىٰ)

زَباں سے چیختا اور کفر بکتا ہی رہا کافِر مددگاروں کو چاروں سَمت تکتا ہی رہا کافِر
وہ جنگ آور رِسالہ جس کے بَل پر زور تھا سارا اُسی میں گھس کے دو کمزور لڑکوں نے اسے مارا
جوانو! قابلِ تقلید ہے اِقدام دونوں کا جَبینِ لَوحِ غیرت پر لکھا ہے نام دونوں کا
وہ غازی تھے مَئے حُبِّ نبی کا جوش تھا اُن کو لبِ کوثر پہنچ کر شوقِ نوشا نوش تھا ان کو

# ڏکين لفظن جي معنيٰ

ڪُندا: **ڪلهو**. زاغ: **ڪانوَ**. زَغَن: **سرڻ**. بَسان: **وانگر**. مَوج: **پاڻي جي چولي**. اَوج: **بلندي**. رَيگ: **ڏُوڙ**. قَرين: **ويجهو**. سِپَر: **ڍال**. مَرڪَب: **سواري**. خشمگيں: **غضبناڪ**. رَعد: **بجلي جو ڪڙڪو**. خون آشام شمشيرين: **خونخوار تلوارون**. دَہَن: **وات**. تَيغ: **تلوار**. لَعِين: **لعنتي**. عَدُو: **دشمن**. شِڪسته: **ٽٽل**. رِساله: **هزار فوج جو دستو**. جَبِين: **پيشاني**. لَوح: **تختي**. مئے حُبِّ نبی: **نبي جي مَحَبَّت جو شراب**.

# لڙڪندڙ ٻانهن

**هڪ روايت مطابق انهن ٻنهي پائرن مان حضرت سيّدنا مُعاذ** رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ **جو فرمان آهي: مان پنهنجي تلوار لهرائيندو ابوجهل تي ڪڙڪي پيس، منهنجي ڀرپور وار سان ان جي ٽنگ جي پِني ڪٽجي پري وڃي ڪري، ان جي پٽ عِڪرِمَہ (جيڪي بعد ۾ مسلمان ٿيا) منهنجي ڪنڌ تي تلوار جو وار ڪيو، ان سان منهنجي ٻانهن ڪٽجي وئي ۽ کل جي هڪ ٽڪري سان لڙڪڻ لڳي. سڄو ڏينهن لڙڪندڙ ٻانهن کي سنڀاليندي ٻئي هٿ سان دشمن تي تلوار هلائيندو رهيس، لڙڪندڙ ٻانهن وڙهڻ ۾ رڪاوٽ بڻجي رهي هئي تنهن ڪري مون ان کي پيرن هيٺان دٻائي ڇڪيو جنهن سان کل جو**

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو.
(ابن عدي)

ٽڪرو ٽٽي ويو ۽ مان ان مان آزاد ٿي ڪري وري ڪافرن سان جنگ ۾ مشغول ٿي ويس. حضرت مُعاذ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جو زخم نيڪ ٿي ويو ۽ هو حضرت سيّدنا عثمان غني رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي عهدِ خلافت تائين زنده رهيا. علّامہ قاضي عِياض رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ابن وهب رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت ڪئي آهي: جنگ ختم ٿيڻ کان پوءِ حضرت سيدنا مُعاذ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ پنهنجي ڪٽيل ٻانهن کڻي حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيا، طبيبن جي طبيب، الله جي حبيب، حبيبِ لبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم لعابِ دهن (يعني پِڪ شريف) هڻي اها ڪٽيل ٻانهن ٻيهر ڪلهي سان جوڙي ڇڏي. (مدارج النبوة ج 2 ص 87) سُبْحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ! جيڪڏهن ٽوڙڻ واري جو وجود آهي تہ جوڙڻ وارو بہ موجود آهي.

علی کے واسطے سورج کو پھیرنے والے
اشارہ کر دے کہ میرا بھی کام ہو جائے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# عجيب جذبو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ۾ عبادت جي دوران ڪهڙي وجداني ڪيفيت طاري ٿي ويندي هئي جو انهن کي ڪنهن تڪليف جو احساس ئي نہ ٿيندو هو، جي ها! راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ جهاد ڪرڻ بہ عبادت ئي آهي. سيّدنا مُعاذ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جو ڪل ۾ لٽڪيل ٻانهن سان وڙهڻ پوءِ ان کي پير هيٺ رکي ٽوڙي ڇڏڻ، اهي اهڙيون ڳالهيون آهن جن کي ٻُڌڻ سان جسم ڪانڊارجي ويندو آهي، پر انهن هستين تي ڪجهہ اهڙي تہ ديوانگي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهہ ڀيرا صبح ۽ ڏهہ ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي. (مجمع الزوائد)

چانيل هوندي هئي جو تڪليف جو احساس ئي ڪونہ ٿيندو هو. راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ جي انهن جانبازن ۽ اسلام جي حقيقي سرفروشن جي نقشِ قدم تي هلندي اسان کي بہ دعوتِ اسلامي جي سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ سفر ڪرڻ گهرجي ۽ راهِ خداعَزَّوَجَلَّ ۾ پيش اچڻ وارين تڪليفن کي خوشيءَ سان برداشت ڪرڻ گهرجي.

سیکھنے سنّتیں قافلے میں چلو لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو
ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں چلو پاؤ گے راحتیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ابو جهل جي سِسِي

سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو ڪير آهي جيڪو ابوجهل کي ڏسي ان جو حال ٻڌائي؟ تہ حضرت سيّدنا عبدالله ابن مسعود رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ وڃي لاشن کي ڏٺو تہ ابوجهل زخمي حالت ۾ مرڻ جي قريب آهي، ان جو سڄو بدن فولاد ۾ لڪيل هو، ان جي هٿ ۾ تلوار هئي جيڪا رانن تي رکيل هئي، زخمن جي شدت جي ڪري اهو پنهنجي ڪنهن عضوي کي چوري نہ پيو سگهي. حضرت سيدنا عبدالله ابن مسعود رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ ان جي ڪنڌ تي قدم رکيو، انهيءَ حالت باوجود ان جي تڪبُّر جو عالم هي هو جو حقارت مان چوڻ لڳو: اي ٻڪرين جا ڌنار! تون وڏي اونچي ۽ دشوار جڳهہ تي چڙهيو آهين. (السيرة النبوية لابن هشام ص 262، 263) حضرت سيدنا عبدالله ابن مسعود رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا: مان پنهنجي مُڏي تلوار سان ان جي مٿي تي ڌڪ هڻڻ لڳس جنهن سان تلوار تي ان جي پڪڙ ڍري ٿي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا . (طبراني)

وئي، مون ان جي تلوار ڪٽي ورتي، سڪرات جي حالت ۾ ان پنهنجو مٿو مٿي ڪيو ۽ پڇيو ته فتح ڪنهن جي ٿي؟ مون چيو: لِلّٰہِ وَرَسُوْلِہٖ يعني **اللّٰه**عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لاءِ ئي فتح آهي. پوءِ مون ان جي ڏاڙهيءَ کي پڪڙي جنجهوڙيو ۽ چيو: اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ الَّذِيْ اَخْزَاکَ يَا عَدُوَّ اللّٰہِ يعني ان **اللّٰه**عَزَّوَجَلَّ جو شڪر آهي جنهن توکي ذليل ڪيو، اي خدا جا دشمن! مون ان جي جنگي لوهي ٽوپي ان جي ڪياڙيءَ کان هٽائي ۽ ان جي ئي تلوار سان ان جي ڪنڌ تي زور دار وار ڪيو ته ان جي سِسِي ڪٽجي وڃي پري ڪري، پوءِ مون ان جا هٿيار، زره وغيره لاهي ڇڏيا ۽ ان جي سِسي ڪٽي حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاه ۾ حاضر ٿيس ۽ عرض ڪيو: يا رسول **اللّٰه** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! هي خدا جي دشمن ابوجهل جي سِسِي آهي. سلطان مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ٽي دفعا فرمايو: اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ الَّذِيْ اَعَزَّ الْاِسْلَامَ وَ اَھْلَہٗ. يعني **اللّٰه**عَزَّوَجَلَّ جو شڪر آهي جنهن اسلام ۽ اهل اسلام کي عزت بخشي. پوءِ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سجدهٔ شڪر ادا ڪيو، پوءِ فرمايائون: هر اُمت ۾ هڪ فرعون هوندو آهي هن اُمت جو فرعون ابوجهل هو. (سُبُلُ الهديٰ ج 4 ص 51، 52)

## ابوجهل جي آخري بڪواس

ابوجهل جي دشمنيءَ جو جذبو ۽ عداوتِ رسول ته ڏسو جو ٽنگون ڪٽجي چڪيون آهن، سڄو جسم زخمن سان چور چور آهي، موت اکين آڏو بيٺل آهي، انهيءَ حال ۾ به ان ازلي بد بخت جي بد بختيءَ جو عالم هي آهي جو ان حضرت سيدنا ابن مسعود

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءٌ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)

رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ تي آخري نظر وڌي ۽ چيائين: پنهنجي نبي ڪي منهنجو هي پيغام پهچائجانءِ تہ مان سڄي عمر ان جو دشمن رهيو آهيان ۽ هن وقت بہ منهنجي عداوت جو جذبو شديد تر آهي. حضرت سيدنا عبدالله بن مسعود رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جڏهن نبي پاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ ان ازلي بد بخت جو هي جملو عرض ڪيو تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غيوب، مُنَزَّہٌ عن العُيوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: منهنجي اُمت جو فرعون تمام اُمتن جي فرعونن کان وڌيڪ سنگدل ۽ ڪينو رکندڙ آهي. موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي فرعون کي جڏهن بحرِ احمر جي لهرن پنهنجي گهيري ۾ آندو تہ رڙ ڪري چيائين:

قَالَ اٰمَنْتُ اَنَّهٗ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا الَّذِیْۤ اٰمَنَتْ بِهٖ بَنُوْۤا اِسْرَآءِیْلَ وَ اَنَا مِنَ الْمُسْلِمِیْنَ ﴿۹۰﴾ (پ ۱۱، يونس: ۹۰)

ترجموڪنزالايمان: چوڻ لڳو مان ايمان آندو تہ ڪو بہ سچو معبود نہ آهي سواءِ ان جي، جنهن تي بني اسرائيل ايمان آندو ۽ مان مسلمان آهيان.

ليڪن هن امت جو فرعون مرڻ لڳو تہ ان جي اسلام دشمني ۽ سرڪشي ۾ گهٽتائي بدران اضافو ٿي ويو.

(محمد رسول الله ج 3 ص 431، تفسير ڪبير ج 11 ص 224، 225)

## قدرت جا نرالا انداز

مٺامٺا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّوَجَلَّ جي قدرت جا بہ نرالا انداز آهن وڏن وڏن سورمن ابوجهل تي تلوارن جا وار ڪيا پر هو نہ مئو آخرڪار ٻن مدني مُنن ان کي ڪيرائي وڌو! ان حملي ۾ هو عاجز ۽ بي حس ٿي ويو، چرڻ پرڻ جي هن ۾ طاقت نہ رهي پر ان جو روح نہ نڪتو. خدا جي قدرت! جو آخري وقت تائين ان جا هوش ۽ حواس

قائم رهيا ان ۾ حڪمت اها هئي جو وڏائي ۽ تڪبّر جي انهيءَ پُتلي کي ان مظلوم ۽ بيڪس جي هٿان جهنم رسيد ڪيو وڃي جيڪو مالي لحاظ کان خالي، جسماني لحاظ کان ڪمزور ۽ قبيلي جي لحاظ کان به بي يارو مددگار هو. اسلام آڻڻ جي سبب ابوجهل حضرت سيدنا **عبدالله** بن مسعود رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي گاريون ڏيندو هو، سندن مٿي مبارڪ جا وار پڪڙي ٿڦون هڻندو هو. ان وقت پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ ڪنهن به قسم جي جوابي ڪاروائي ڪرڻ کان قاصر هئا. اڄ اهي ئي صحابي **الله** عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان ان جي ڇاتي تي چڙهي ويا، ان جي مٿي کي ٺڏا هڻي رهيا آهن پنهنجي پيرن هيٺيان لتاڙي رهيا آهن، ان جي هٿ مان آبدار تلوار کسي ان جي ئي تلوار سان ان جي سِسي لاهي رهيا آهن، اهڙي وقت ۾ ابوجهل بيهوش نه پر هوش ۾ آهي پنهنجي تذليل ۽ بي عزتي جي سمجهه رکي ٿو پر هو ڪجهه به نٿو ڪري سگهي. سيدنا **عبدالله** بن مسعود رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ پنهنجن ڪمزور هٿن سان مغرور جي سسي ڌار ڪري ان کي **الله** عَزَّوَجَلَّ جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نعلين مبارڪ جي هيٺان اڇلائن ٿا، ابوجهل جو ذلت ڀريو موت تمام ڪافرن، مشرڪن، منافقن ۽ مرتدن جي لاءِ عبرت جو باعث آهي، ۽ يقنينًا عزت **الله** عَزَّوَجَلَّ، رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ مسلمانن جي لاءِ آهي. جيئن **الله** تعاليٰ 28 هين سيپاري، سورت منافقون آيت 8 ۾ فرمايو آهي:

وَلِلّٰهِ الْعِزَّةُ وَلِرَسُوْلِهٖ وَلِلْمُؤْمِنِيْنَ وَلٰكِنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿۸﴾

ترجموڪنزالايمان: ۽ عزت ته الله ۽ ان جي رسول ۽ مسلمانن جي واسطي ئي آهي پر منافقن کي خبر ناهي.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي. (ترغيب و ترهيب)

# مسلمانن جو جنگي سامان

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ابوجهل غزوهٔ بدر ۾ قتل ٿيو هو. غزوهٔ بدر جو واقعو 17 رمضان المبارڪ سن 2 هجري تي بدر جي مقام تي پيش آيو. ان ۾ مسلمانن جو تعداد تمام گهٽ يعني فقط 313 هو، انهن وٽ ٻہ گهوڙا، ستر اُٺ، ڇهہ ڪمانون، ڀڳل ٽٽل نيزا ۽ پراڻيون تلوارون هيون، پر انهن جو ايماني جذبو بي مثال هيو. انهن کي جنگي سامان تي نہ بلڪ **الله** عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول **الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ڀروسو هو.

# ڪافرن جو جنگي سامان

هڪ پاسي مسلمانن وٽ سامان نہ هجڻ جو اهو عالم هو تہ ٻئي پاسي خدا عَزَّوَجَلَّ ۽ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دشمنن جو تعداد هڪ هزار هو، انهن وٽ سؤ تيز رفتار گهوڙا هئا جن تي سؤ زرهون پاتل ويڙهاڪ سوار هئا، ست سؤ اعليٰ نسل جا اُٺ هئا، کائڻ پيئڻ جي ذخيرن جا انبار، بار ڍوئيندڙ جانور ۽ ان کان علاوه نو نو، ڏهہ ڏهہ اُٺ روزانو ذبح ڪري ڪافرن جي لشڪر جي عاليشان دعوت جو انتظام هوندو هو، هر رات عيش و عشرت جي محفل قائم ڪئي ويندي هئي، جنهن ۾ شراب پيتو ويندو هو، خوبصورت ٻانهيون پنهنجي ناچ ۽ سحر انگيز نغمن سان انهن جي غيظ و غضب جي باهہ کي ويتر ڀڙڪائينديون رهنديون هيون. ان جي باوجود غلامانِ مصطفيٰ جي چهرن تي سڪون ۽ اطمينان جو نور وسي رهيو هو انهن جي دلين ۾ ايمان ۽ يقين جي شمع روشن هئي، شرابِ وحدت

فرمانِ مصطفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نه پڙهيو ته تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

جي نشي ۾ سرشار پنهنجي پروردگار عَزَّوَجَلَّ جي نالي کي بلند ڪرڻ لاءِ ۽ ان جي پياري محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پاڪيزه دين جو جهندو بلند ڪرڻ جي شوق ۾ جان جي بازي لڳائڻ جو پڪو عزم ڪندي رضاءِ الٰهي جي منزل ڏانهن مستيءَ ۾ وڌندا پيا وڃن، انهن کي پنهنجي تعداد جي ڪمي، جنگي سامان جي قلت ۽ دشمن جي وڏي تعداد ۽ جنگي سامان جي گهڻائي جي ڪا پرواهه نه هئي. باطل جي مضبوط قلعن کي پيرن جي ٺڏن سان ذرا ذرا ڪري ڇڏڻ جو عزم انهن کي بيقرار ڪندي تڙپائي رهيو هو. شهادت جو شوق انهن کي بي چين ڪري رهيو هو. بدر جي جان نثارن جي عظمت ۽ شان جو بيان ڪندي شاعر چوي ٿو:

وہاں سینوں میں کینہ تھا شقاوت تھی عداوت تھی ۔۔۔ یہاں ذوقِ شہادت اور ایماں کی حلاوت تھی
مجاہد جن کو وعدے یاد تھے آیاتِ قراں کے ۔۔۔ کھڑے تھے صبح سے ڈٹ کر مقابل فوجِ شیطاں کے
جو غیرت مند راہِ حق میں تھے مصروفِ جانبازی ۔۔۔ اَبد تک نام ان کا ہوگیا **اللہ** کے غازی
غزا حق کیلئے حق کیلئے ان کی شہادت تھی ۔۔۔ یہ جینا بھی عبادت تھا یہ مرنا بھی عبادت تھی
شہادت کا لہو جن کے رُخوں کا بن گیا غازہ ۔۔۔ کُھلا تھا ان کی خاطر دائمی جنّت کا دروازہ
شہادت اعلیٰ منزِل ہے مُسلمانی سعادت کی ۔۔۔ وہ خوش قسمت ہیں مِل جائے جنہیں دولت شہادت کی
شہادت پاکے ہستی زندۂ جاوِید ہوتی ہے ۔۔۔ یہ رنگیں شام، صبحِ عید کی تمہید ہوتی ہے
شہید اس دارِفانی میں ہمیشہ زندہ رہتے ہیں ۔۔۔ زمیں پر چاند تاروں کی طرح تابندہ رہتے ہیں
اِسی رنگت کو ہے ترجیح اس دنیا کی زینت پر ۔۔۔ خدا رَحمت کرے ان عاشِقانِ پاک طِینَت پر
سما سکتی ہے کیونکر حُبِّ دنیا کی ہوا دل میں ۔۔۔ بسا ہو جب کہ نقشِ حُبِّ محبوب خدا دل میں
محمد کی محبّت دینِ حق کی شرطِ اوّل ہے ۔۔۔ اِسی میں ہو اگر خامی تو سب کچھ نامکمّل ہے
محمد کی غلامی ہے سَنَد آزاد ہونے کی ۔۔۔ خدا کے دامنِ توحید میں آباد ہونے کی

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي.** (عبدالرزاق)

محمد کی محبّت روحِ ملّت جانِ ملّت ہے ‏ محمد کی محبّت آنِ ملّت شانِ ملّت ہے
یہ رشتہ دُنیوی قانون کے رِشتوں سے بالا ہے ‏ محمد کی محبّت خون کے رِشتوں سے بالا ہے
پِدر،مادر برادر مال جاں اولاد سے پیارا ‏ محمد ہے متاعِ عالَمِ ایجاد سے پیارا
دِکھائی جن کے ہاتھوں حق نے باطِل کو نِگُوں ساری ‏ یہی جذبہ تھا ان مردانِ غیرت مند پر طاری

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

شقاوت: بدبختي. حلاوت: مناس. غَزا: جنگ. رُخوں کا غازہ: چهرن جو پائوڊر. دائمی: هميشہ رهڻ واري. زندۂ جاوِید: هميشہ زنده رهڻ وارو. تمهيد: ڪنهن ڳالهہ جو آغاز. دارِ فانی: ختم ٿيڻ واري دنيا. تابِنده: روشن. پاک طِينت: نيڪ فطرت. دنيا کی ہوا: دنيا جي هوس. ملّت: قوم. مَتاع: دولت. پِدَر: پيءُ. مادر: ماءُ. بِرِدار: ڀاءُ. نِگُوں سار: شرم وچان مٿو جهڪايل.

## حيرت انگيز جذبي جو راز

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هي پختو عزم، هي باطل سان بہ ٽڪرائڻ جو والهانہ شوق، خدا عَزَّوَجَلَّ ۽ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پاڪ نالي کي بلند ڪرڻ جي تڙپ، اها بي خوفي ۽ بهادري انهن کي ڪٿان ملي؟ يقيناً اها الله عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت ۽ انهن دعائن جو نتيجو آهي جيڪي مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي لبن مبارڪن مان نڪتيون، جيئن امام بيهقي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه نقل ڪن ٿا: حضرت شير خدا عليُّ المرتضيٰ كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم فرمايو: بدر جي ڏينهن اسان مان حضرت مِقداد رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان علاوه ڪو سوار ڪو نہ هو، هو ابلق (يعني چٽڪمري) گهوڙي تي سوار هو ان رات

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي، جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهي. (حاڪم)

سڀ سمهي رهيا هئا، پر **الله** عَزَّوَجَلَّ جا محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سڄي رات نفل پڙهندا رهيا ۽ روئندا رهيا. (دلائل النبوة للبيهقي ج 3 ص 49) سُبْحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ! اشڪبار اکين سان فتح ۽ ڪاميابي لاءِ جيڪي دعائون گهريون هونديون انهن جي قبوليت جو ڇا عالم هوندو!

## ملائڪن جي ذريعي مدد

امير المؤمنين، امام العادلين، حضرت سيدنا عمر فاروق اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا: بدر جي ڏينهن نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قبلي ڏانهن منهن ڪري بيهي رهيا ۽ پنهنجا ٻئي هٿ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ ڦهلائي ڇڏيائون ۽ پنهنجي پروردگار ڪان فرياد شروع ڪيائون ايتري تائين جو محويّت جي عالم ۾ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڪلهي مبارڪ تان چادر شريف زمين تي تشريف فرما ٿي، حضرت صديق اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ تيزي سان آيا ۽ اها چادر مبارڪ ڪٽي سلطان بحر و بر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڪلهي مبارڪ تي رکي ڇڏيائون پوءِ والهانہ انداز ۾ پويان ڪان نبي پاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي سيني سان لڳايائون ۽ عرض ڪيائون: آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! توهان جي پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ ڪان اها دعا ڪافي آهي، يقيناً **الله تعاليٰ** پنهنجو واعدو پورو فرمائيندو. انهيءَ وقت سيدنا جبرئيل امين عَلَيْهِ السَّلَام هي آيت (يعني سيپارو 9 سورة الانفال آيت 9) کڻي خدمت اقدس ۾ حاضر ٿيو.

اِذْ تَسْتَغِيْثُوْنَ رَبَّكُمْ فَاسْتَجَابَ لَكُمْ اَنِّيْ مُمِدُّكُمْ بِاَلْفٍ مِّنَ الْمَلٰٓئِكَةِ مُرْدِفِيْنَ ﴿٩﴾

ترجموڪنز الايمان: جڏهن توهان پنهنجي رب کي پڪاريو ٿي تہ ان توهان جي پڪار ٻڌي ورتي مان توهان کي مدد ڏيڻ وارو آهيان هزار ملائڪن جي قطار سان

(مسلم ص 969 حديث 1763)

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو. (طبراني)

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ رسولن جي سرتاج، صاحبِ معراج صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دعائن کي قبوليت جو تاج پارايو ويو، منهنجا آقاءِ نعمت اعليٰ حضرت رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا:

اجابت کا سہرا عنایت کا جوڑا ‏ ‏ دُلہن بن کے نکلی دعائے محمد

اِجابت نے جھک کر گلے سے لگایا ‏ ‏ بڑھی ناز سے جب دعائے محمد

# جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام جو گهوڙو

”خزائن العِرفان“ ۾ آهي ته حضرت ابن عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا فرمائن ٿا: مسلمان ان ڏينهن ڪافرن جو پيڇو ڪندا هئا ۽ ڪافر مسلمان جي اڳيان پڇي رهيو هوندو، اوچتو مٿان ڪان ڇهبڪ جو آواز ايندو هو ۽ سوار جو هي جملو ٻڌڻ ۾ ايندو هو: ”اَقْدِمْ حَيْزُوْمُ!“ يعني اي حَيزوم اڳتي وڌ. (حَيزوم حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام جي گهوڙي جو نالو آهي) ۽ نظر ايندو هو ته ڪافر ڪري مري ويو ۽ ان جو نڪ تلوار سان اڏايو ويو ۽ چهرو زخمي ٿي ويو صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جن جڏهن اهي ڪيفيتون حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ٻڌايون ته الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غيوب، مُنزّهٌ عن العيوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو ته اها ٽئين آسمان جي مدد آهي. (صحيح مسلم ص 969) هڪ بدري صحابي حضرت سيّدنا ابوداﺋود مازني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا ته مان غزوهٔ بدر ۾ هڪ مشرڪ جي سسي لاهڻ جي ڪوشش ۾ هئس. منهنجي تلوار پهچڻ کان اڳ ئي ان جي سسي ڪٽجي ڪري پئي ته مون کي معلوم ٿي ويو ته ان کي ڪنهن ٻئي قتل ڪيو آهي.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

(الدرالمنثور ج 4 ص 36) حضرت سيّدنا سَهل بن حُنيف رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا بدر جي ڏينهن اسان مان ڪو تلوار سان اشارو ڪندو هو تہ ان جي تلوار پهچڻ کان اڳ ئي مشرڪ جي سسي ڌڙ کان ڌار ٿي ڪري پوندي هئي. (ايضاً 33، خزائن العرفان ص 335، 336 ملخصا)

## دعا مؤمن جو هٿيار آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪيترا بہ ڏکيا حالات پيدا ٿي وڃن اسان کي اسباب تي نہ بلڪ مُسبِّبُ الاَسبَاب جَلّ جلالَہٗ تي نظر رکڻ گهرجي ۽ دعا کان هرگز غفلت نہ ڪرڻ گهرجي جو فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: اَلدُّعاءُ سِلَاحُ المُؤمِنِ يعني دعا مؤمن جو هٿيار آهي. (مُسند ابو يعليٰ رقم الحديث 435 ج 1 ص 215) غزوهٔ بدر ۾ دشمنن کي پنهنجي وڏي تعداد ۽ هٿيارن جي گهڻائي تي ناز هو ۽ مسلمانن کي الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي پياري محبوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ڀروسو، مجاهدن ۾ شهادت جو جذبو ڀرپور نموني موجود هو ۽ مسلمانن جو ننڍو وڏو شهادت جي شوق سان سرشار هو.

## روئڻ ڪم اچي ويو!

مشهور صحابي حضرت سيّدنا سعد بن ابي وقاص رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جا ننڍا ڀاءُ حضرت سيّدنا عُمير بن ابي وقاص رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جيڪي اجا عمر ۾ ننڍا هئا، بدر جي جنگ جي موقعي تي فوج جي تياريءَ وقت هيڏي هوڏي لڪي رهيا هئا حضرت سيّدنا سعد رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا تہ مون حيرت مان پڇيو تہ ڇو لڪي رهيا آهيو؟ چوڻ لڳا

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

تہ ڪٿي ائين نہ ٿئي جو مون کي حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڏسي ونن ۽ ٻار سمجهي ڪري جهاد تي وڃڻ کان منع فرمائي ڇڏين. ادا! مون کي راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ وڙهڻ جو ڏاڍو شوق آهي ڪاش! مون کي شهادت نصيب ٿي وڃي آخرڪار سرڪار نامدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي توجّهہ ۾ اچي ئي ويا ۽ انهن کي ننڍي عمر جي ڪري روڪيو ويو. حضرت عُمير رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ شوق جي غلبي وچان روئڻ لڳا شهادت جي آرزو ۾ سندن روئڻ ڪم اچي ويو ۽ تاجدار رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کين اجازت ڏئي ڇڏي. جنگ ۾ شريڪ ٿيا ۽ ٻي آرزو بہ پوري ٿي وئي جو ان ئي جنگ ۾ شهادت جي سعادت بہ نصيب ٿي وئي، سندن وڏا ڀاءُ حضرت سعد بن ابي وقاص رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا تہ منهنجا ڀاءُ عُمير رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ ننڍا هئا ۽ تلوار وڏي هئي تنهنڪري مان حمائل (يعني تلوار ٻڌڻ واري پٽي) کي ڳنڍيون ڏيئي مٿي ڪندو هئس. (ڪتاب المغازي للواقدي ج 1 ص 21)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! ننڍو هجي يا وڏو راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ جان قربان ڪرڻ ئي انهن جي زندگيءَ جو واحد مقصد هو. تنهن ڪري ڪاميابي پاڻ اڳتي وڌي انهن جا قدم چمندي هئي. حضرت سيدنا عُمير رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي جهاد جو جذبو ۽ شهادت جو شوق توهان ڏٺو ۽ وڏي ڀاءُ سيّدنا سعد بن ابي وقاص رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي تعاون جي باري ۾ بہ توهان ٻڌو. بيشڪ اڄ بہ وڏو ڀاءُ پنهنجي ننڍي ڀاءُ سان ۽ پيءُ پنهنجي پٽ سان تعاون ڪندو آهي پر فقط دنياوي معاملن ۾ ۽ فقط دنياوي مستقبل کي روشن ڪرڻ جي غرض سان،

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي.** (طبراني)

**افسوس! اسان جي آڏو فقط دنيا جي ڪجهہ ڏينهن واري زندگي جو سينگار آهي جڏهن تہ صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي نظرن ۾ آخرت جي زندگيءَ جي بهار هئي. اسان دنياوي آسائشن تي نثار آهيون ۽ هو آخرت جي راحتن جا طلبگار هئا، اسان دنيا خاطر هر طرح جون مصيبتون برداشت ڪرڻ لاءِ تيار رهندا آهيون ۽ هو آخرت جي ڪاميابي جي آرزو ۾ هر طرح جي دنياوي راحت ڪي ڇڏي سخت مصيبتن، تڪليفن ۽ خونخوار تلوارن جي سامهون بہ سينہ سپر رهندا هئا.**

رَبِّ کعبہ کے پَرستار وہ مردانِ جلیل! | پاسبانِ حرم، وارثِ ایمانِ خلیل!
وہ سرِفرشِ زمیں عزّتِ حوّا کا ثُبوت | وہ تہِ چرخِ بریں عَظمتِ آدم کی دلیل
راست گُفتار وکُشادہ دل وبیدار دماغ | مدّتُ العمر جو آفات کے سایوں میں پلے
کبھی پابندِ سَلاسِل کبھی شُعلوں کے حَریف | کبھی اَنگاروں پہ لوٹے کبھی کانٹوں پہ چلے
کبھی تپتے ہوئے پتّھر کی سِلَیں سینوں پر | کبھی کاندھوں پہ اٹھائے ہوئے وہ بارِ گراں
کبھی پُشتوں پہ سَلاخوں کے سلگتے ہوئے داغ | کبھی چِہروں پہ طمانچوں کے المناک نشاں
کبھی نیزوں کے سزاوار کبھی تِیروں کے | کبھی طعنوں کے کچوکے کبھی فاقوں سے نڈھال
کبھی چکّی کی مَشقَّت کبھی تنہائی کی قید | کبھی اپنوں کی ملامت کبھی غیروں کا اُبال
کبھی بُہتان طَرازی، کبھی دُشنامِ غَلیظ | کبھی تضحیک وتَمسخُر، کبھی شُبُہات وشکُوک
کبھی روحانی اذیّت، کبھی توہینِ ضَمیر | کبھی اِینٹوں سے تَواضُع، کبھی کوڑوں کا سُلوک
کبھی مَحبُوس گھروں میں تو کبھی خانہ بدَر | چیتھڑے تن کے نگہبان، کبھی وہ بھی نہیں!
تشنگی کا ہے وہ عالم کہ الٰہی توبہ | حلق کو چاہئے تھوڑی سی نَمی وہ بھی نہیں
آزمائش کے لپکتے ہوئے ہنگاموں میں | وقت نے ان کے نشانات قدم دیکھے ہیں

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي.** (ابو يعلي)

تختۂ دار پہ آئے تو اُسے چوم لیا
ایسے جی دار بھی تاریخ نے کم دیکھے ہیں

کس عزیمت کے تھے مالک یہ نُفُوسِ قُدسی
جو پڑی وقت کے ہاتھوں وہ کڑی جھیل گئے

صِرف اسلام کی خاطر، فقط **اللّٰہ** کے لئے
جان سے کھیلنا آتا تھا انہیں کھیل گئے

ہم تک اسلام جو پہنچا تو صِرف ان کے طُفیل
یہ غلامانِ خدا نورِ رسالت کے امیں

سر بسر پیکرِ ایثار، مجسّم ایماں
حشر تک ان سا ہو پیدا کوئی ممکن ہی نہیں

## مشڪل لفظن جي معنيٰ

**پَرستار:** پوڄا ڪرڻ وارو. **پاسبان:** محافِظ. **چَرخِ بَرين:** بُلند آسمان. **راست گُفتار:** سچ ڳالهائڻ وارو. **پابندِ سَلاسِل:** زنجيرن ۾ جڪڙيل. **حَريف:** مقابلو ڪرڻ وارو. **دُشنامِ غليظ:** گنديون گاريون. **تضحيڪ:** ٺٺول ڪرڻ. **تَمَسخُر:** مسخري ڪرڻ. **محبوس :** قيد. **خانه بَدَر:** گهران ڪڍي ڇڏڻ. **تِشنگي:** اُڃ. **تختۂ دار:** ڦاسي جو ڦندو. **عزيمت:** عزم ۽ ارادو. **نُفوسِ قُدسی:** پاڪ هستيون.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (ابن عساڪر ج 9 ص 343)

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا
جنّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

# ”يارب العباد! مڪي ۽ مديني جي زيارت نصيب ڪر“ جي ٻٽيهه اکرن جي نسبت سان سفر جا 32 مدني گل

۞ شرعي طور مسافر اهو آهي جيڪو ٽن ڏينهن جي فاصلي تائين وڃڻ جي ارادي سان مقامِ اِقامت مثال طور شهر يا ڳوٺ کان ٻاهر وڃي. خشڪي جي سفر ۾ ٽن ڏينهن جي مسافت مان مراد ساڍا ستونجاهه ميل (يعني 92 ڪلوميٽر) جو مفاصلو آهي. (فتاويٰ رضويه ج 8 ص 243، 270) ۞ شرعي سفر ڪرڻ واري جي لاءِ ضروري آهي ته اهو سفر ۾ پيش ايندڙ احڪام سکي وٺي. (مڪتبة المدينه جو رسالو ”مسافر جي نماز“ جو مطالعو نهايت مفيد آهي) ۞ جڏهن سفر ڪرڻو هجي ته بهتر اهو آهي ته سومر، جمعرات يا ڇنڇر جو ڪري. (ملخصاً فتاويٰ رضويه ج 23 ص 400) ۞ سَرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت سيِّدُنا جُبَير بن مُطْعِم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي سفر ۾ پنهنجي سيني ساٿين کان وڌيڪ خوشحال رهڻ جي لاءِ روانگي کان پهريان اهو وِرد پڙهڻ جي تلقين فرمائي: (1) سُوْرَةُ الْكٰفِرُوْن (2) سُوْرَةُ النَّصْر (3) سُوْرَةُ الْاِخْلَاص (4) سُوْرَةُ الْفَلَق (5) سُوْرَةُ النَّاس ۞ هر سورت هڪ هڪ دفعو ۽ هر هڪ جي پهريان ”بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم“ ۽ آخر ۾ به بِسْمِ الله پوري پڙهو (اهڙيءَ طرح پنج سورتون ٿينديون ۽ بِسْمِ الله شريف ڇهه ڀيرا) حضرت سيِّدُنا جُبير بن مُطْعِم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا ته مان هونءَ ته شاهوڪار هئس ليڪن جڏهن سفر ڪندو هوس ته سيني ساٿين کان وڌيڪ غريب ٿي ويندو هوس. پوءِ مون اهي سورتون سفر کان پهريان پڙهڻ شروع ڪيون ته انهن جي برڪت سان واپسي تائين خوشحال ۽ دولتمند رهندو هئس.

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي. (مجمع الزوائد)

(ابويعليٰ، حديث 7382 ج 6 ص 265) ۞ گهران نڪرڻ وقت عزيزن، دوستن سان ملو ۽ انهن کان غلطيون معاف ڪرايو ۽ جن کان معافي گهري وڃي ۽ انهن تي به لازم آهي ته دل سان معاف ڪري ڇڏين. (بهار شريعت ج 1 ص 1052) ۞ سفر جو لباس پائي گهر ۾ چار رڪعتون نفل ”اَلْحَمْدُ ۽ قُلْ (هُوَ اللّٰه“ جي پوري سورة) سان پڙهي ٻاهر نڪرو، اهي رڪعتون واپسي تائين گهروارن ۽ مال جي نگهباني ڪنديون. (ايضًا) ۞ هي رڪعتون به پڙهي سگهجن ٿيون، حديث پاڪ ۾ آهي: ڪنهن پنهنجي اهل وٽ انهن ٻه رڪعتن کان بهتر ڪا شيءِ نه ڇڏي جيڪا سفر جي ارادي سان انهن وٽ پڙهيائين. (مصنف ابن ابي شيبه ج 1 ص 529) ۞ سفر ۾ ٽي اسلامي ڀائر هجن ته ڪنهن هڪ کي امير بڻائين. جو اهو سنت آهي جيئن حديث پاڪ ۾ آهي: جڏهن ٽي ماڻهو سفر تي روانا ٿين ته پاڻ مان هڪ کي امير بڻائن. (سنن ابي داود، حديث 2609 ج 3 ص 51) ۞ امير بڻائڻ سان ڪمن ۾ بهتري ٿيندي آهي، سردار (يعني امير) ان کي بڻايو، جيڪو با اخلاق، عاقل، ديندار هجي سردار (امير) کي گهرجي رفيقن جي آرام کي پنهنجي آسائش تي مقدّم رکي. (بهار شريعت ج 1 ص 1052) ۞ آئينو، سرمو، ڦڻي، مسواڪ پاڻ سان گڏ رکو جو سنت آهي. (ايضًا ص 1051) ۞ ذِڪْرُاللّٰه ۾ مصروف رهي جو فرشتو گڏ رهندو ۽ برا شعر ۽ لغويات (يعني بيهوده ڳالهين) ۾ مشغول نه رهي جو شيطان گڏ رهندو. (فتاويٰ رضويه ج 10 ص 729) ۞ جيڪڏهن دشمن يا ڌاڙيلن جو خوف هجي ته سورة لايلٰف پڙهي ڇڏيو، انشاءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ هر مصيبت کان پناهه ۾ رهندؤ. اهو عمل مُجَرَّب آهي. (الحصن الحصين

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا. (طبراني)

ص 80) ۞ سفر ۾ هجو يا حضر (يعني قيام) ۾ جڏهن به ڪا غم يا پريشاني اچي ته لَاحَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلاَّ بِاللّٰه ط ۽ حَسْبُنَا اللّٰهُ وَ نِعْمَ الْوَكِيْل ڪثرت سان پڙهو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ مشڪل آسان ٿيندي ۞ جڏهن مٿانهين جڳهه تي يا ڏاڪڻين تي چڙهندي يا بس وغيره مٿانهين ڏانهن چڙهي رهي هجي ته "اَللّٰهُ اَكْبَر" چئو ۽ جڏهن ڏاڪڻين کان لهو يا لاهيءَ ڏانهن لهو ته "سُبْحٰنَ اللّٰه" چئو ۞ جيڪڏهن ڪو شخص سفر تي وڃي رهيو هجي ته ان سان مصافحو ڪري يعني هٿ ملائي ۽ ان جي لاءِ اها دعا گهري: اَسْتَوْدِعُ اللّٰهَ دِيْنَكَ وَاَمَانَتَكَ وَخَوَاتِيْمَ عَمَلِكَ ترجمو: مان تنهنجي دين، تنهنجي امانت ۽ تنهنجي عمل جي خاتمي کي الله عَزَّوَجَلَّ جي حوالي ڪريان ٿو. (ايضًا ص 79) ۞ مقيم جي لاءِ مسافر اها دعا پڙهي: اَسْتَوْدِعُكَ اللّٰهَ الَّذِىْ لَا يُضِيْعُ وَدَائِعَهٗ- ترجمو: مان توهان کي الله عَزَّوَجَلَّ جي حوالي ڪريان ٿو جيڪو حوالي ڪيل امانتن کي ضايع ناهي ڪندو. (سنن ابن ماجه، حديث 2825 ج 3 ص 372) ۞ منزل تي لهڻ وقت هيءَ دعا پڙهو: اَعُوْذُ بِكَلِمَاتِ اللّٰهِ التَّآمَّاتِ مِنْ شَرِّمَا خَلَقَ. ترجمو: الله عَزَّوَجَلَّ جي ڪلماتِ تامه جي ذريعي سموري مخلوق جي شر کان پناهه گهران ٿو. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ هر نقصان کان بچندؤ. (الحصن الحصين ص 82) ۞ مسافر جي دعا قبول ٿيندي آهي، ان ڪري پنهنجي والدين، اهل و عيال ۽ عام مسلمانن جي لاءِ دعا ڪريو ۞ سفر ۾ ڪو شخص بيمار ٿي ويو يا بيهوش ٿي ويو ته ان سان گڏ سفر ڪرڻ وارو ان مريض جي ضروريات مان ان جو مال بغير اجازت خرچ ڪري سگهي ٿو. (ردالمحتار ج 9 ص 334، بهار شريعت ج 3 ص 222) ۞ مسافر تي واجب آهي ته نماز ۾ قصر ڪري يعني چار

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءُ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)

رڪعتن واري فرض ڪي بہ پڙهي ان جي حق ۾ بہ رڪعتون پوري نماز آهي. (بهار شريعت ج 1 ص 743، عالمگيري ج 1 ص 139) ۞ مغرب ۽ وتر ۾ قصر ناهي ۞ سنتن ۾ قصر ناهي بلڪ پوري پڙهي وينديون، خوف ۽ گهٻراهٽ جي حالت ۾ سنتون معاف آهن ۽ امن جي حالت ۾ پڙهيون وينديون. (عالمگيري ج 1 ص 139) ۞ ڪوشش ڪري هوائي جهاز يا ريل يا بس ۾ اهڙي وقت سفر ڪيو جو وچ ۾ نماز جو وقت نہ اچي ۞ سمهڻ جي وقتن ۾ هرگز اهڙي غفلت نہ ڪيو جو مَعَاذَاللّٰه نماز قضا ٿي وڃي ۞ سفر دوران بہ نماز ۾ هرگز ڪوتاهي نہ ڪيو، خاص ڪري هوائي جهاز، ريل گاڏي ۽ وڏي روٽ جي بس ۾ نماز جي لاءِ پهريان کان باوضو رهو ۞ رستي ۾ بس خراب ٿي وڃي تہ ڊرائيور يا بس جي مالڪن وغيره کي چِڙٻ ڏيڻ ۽ بڪ بڪ ڪري پنهنجي آخرت خراب ڪرڻ بدران صبر ڪيو ۽ جنّت جي طلب ۾ ذِڪر و دورد ۾ مشغول ٿي وڃو ۞ ريل، بس وغيره جي ٻين مسافرن سان انهن جي حقِ معيت جو خيال رکندي خوب حسن سلوڪ ڪريو، بيشڪ پاڻ تڪليف برداشت ڪيو پر انهن کي راحت پهچايو ۞ بس وغيره ۾ ڏاڍيان ڳالهائي ۽ زور سان ٺهڪ ڏئي ٻين مسافرن کي پاڻ کان بدظن نہ ڪريو ۞ رش جي موقعي تي ڪنهن ضعيف يا مريض کي ڏسو تہ ثواب جي نيّت سان اصرار ڪري ان کي پنهنجي سيٽ پيش ڪريو ۞ حتي الامڪان فلمن، گانن کان پاڪ بس ۽ ويگن وغيره ۾ سفر ڪريو ۞ سفر کان واپسيءَ تي گهروارن جي لاءِ ڪو تحفو آڻيو جو فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا دُرودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهہ معاف ٿيندا. (كنزالعمال)

آهي: جڏهن سفر کان کو واپس اچي ته گهر وارن جي لاءِ ڪجهه نه ڪجهه تحفو آڻي، جيتوڻيڪ جهولي ۾ پٿر ئي ڪٽي اچي. (ابن عساكر ج 52 ص 230) ۞ شرعي سفر کان واپسيءَ تي مڪروهه وقت نه هجي ته سڀ کان پهريان پنهنجي مسجد ۾ پوءِ گهر ۾ ٻه ٻه رڪعتون نفل پڙهو.

هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مكتبة المدينه** جا شايع ٿيل ٻه ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهارِ شريعت“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”سنتيں اور آداب“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو **دعوت اسلامي** جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

لوٹنے رَحمتیں قافلے میں چلو سیکھنے سُنّتیں قافلے میں چلو
ہوں گی حل مشکلیں قافِلے میں چلو خَتم ہوں شامتیں قافِلے میں چلو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# ماخذ و مراجع

| مطبوعه | ڪتاب | مطبوعه | ڪتاب |
| --- | --- | --- | --- |
| دارالكتب العلمية بيروت | السيرة النبوية | مكتبة المدينه باب المدينه | قرآنِ مجيد |
| دارالكتب العلمية بيروت | دلائل النبوة | داراحياء التراث العربى بيروت | تفسير كبير |
| دارالكتب العلمية بيروت | سبل الهدٰى | دار الفكر بيروت | تفسيردر منثور |
| دار القلم دمشق | محمد رسول الله | مكتبة المدينه باب المدينه | خزائن العرفان |
| مركز اہلسنت بركات رضا ہند | مدارج النبوة | دارالكتب العلمية بيروت | بخارى |
| موئسسةالريان بيروت | القول البد يع | دار ابن حزم بيروت | مسلم |
| مكتبة المدينه باب المدينه | بہارِشريعت | دارالكتب العلمية بيروت | مسند ابى يعلى |
| مكتبة المدينه باب المدينه | وسائلِ بخشش | موئسسةالاعلمى للمطبوعات بيروت | كتاب المغازى |

